

شاھ عبداللطيف

جو

”سُر سُهڻي“

دفعو پهريون]　　قيمت ٻہ رپيا　　[سنہ ١٩٦٨ع

سهڻي - ميهار

شاهه عبداللطيف جي سر "سهڻيءَ" کي اهو نالو اُنهي مضمون مطابق ئي ڏنو ويو آهي. گائڻ وديا موجب اُن کي سر "توڏي" ڪري سڏڻ کپي. توڏي راڳڻي، ديپڪ راڳ جي پنجن "پارياڻن" (زالن) مان هڪ آهي. اَڪثر رات هيءَ راڳڻي اَسر جي پهرئين پهر ۾ ڇڙبي آهي. راڳ مالا ۾ توڏيءَ جي تصوير نهايت دلڪش ڏنل آهي. هوءَ ڇهج سائي گاهه ڇانيل ميدان ۾ ڪڙي بيٺي، ستار کي ڇيڙي، سر پيئي آلاپي. جسم تي سفيد ساڙهي اوڍيل ۽ ڪلهي تي نيرو ڪنجرو پيل اٿس. سندس نيڻ نيلي گگن ۾ پئي ڪتل آهن ۽ هوءَ ڪنهن اهڙي ويچار ۾ مگهن آهي جو سمڪ ڪانه ٿي پويس ته سندس سنگيت جي تان تي مرگهه موهت ٿي چوطرف اچي مڙيا آهن.

سهڻي - ميهار جو قصو سنڌ ۽ پنجاب ۾ نهايت مشهور آهي. ڪهاڻي اهڙي ڪشش پوري آهي جو هوند پٿر به پگهاري ڇڏي. ڳالهه ئا ڪن ته مغل دور ۾ جڏهن شاهه جهان ساري هندستان جو شهنشاهه هو، تڏهن ملڪ جي رونق ڏسڻ وٽان هئي. شاهه جهان شان ۽ شوڪت جو ڪوڏيو هو. لکها رپيا خرچ ڪري،

ٻه اکر

ڪنهن سبب سنڌي شاگردن جو سنڌي شعر مان چاهه صفا نڪرندو ٿو وڃي. شعر ۾ جو لطف آهي سو نثر ۾ نصيب نه ٿيندو ۽ لطيف جي شعر ۾ جو لطف آهي سو ٻئي ڪنهن سنڌي شاعر جي شعر ۾ نه ملندو. انهيءَ ڪري سنڌي شاگردن ۾ شعر لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ جي هڪ آخرين ڪوشش آهي سنڌيءَ جي بلند پايي شاعرن جو شعر شاگردن کي پوري سمجهاڻي تي ۽ سندن وٽ آهر کين حاضر ڪري ڏيڻ. انهيءَ مراد سان سنڌ جي شيڪسپيئر، شاهه عبداللطيف جا لوڪ پريه آکاڻين تي ٻڌل "سُر" ٻئي وقت بوقت ڇپائي پڌرا ڪيا اٿم. انهن مان ٻيو به هڪ ٻروجن سڌ ٿو ٿئي. ڪاليجي وديارٿين لاءِ درسي ڪتاب ميسر ڪرڻ. پارٽ جي وشو وديالن ۾ جتي بي ڊگري امتحان لاءِ سنڌي پاڙهڻ جو پربند آهي اتي شاهه ٻارن سنڌ جي ٻر شاعرن جي شعر جو اڀياس ضروري طور ڪرڻو آهي. انهن لاءِ شاهه عبداللطيف جا جدا جدا ڇپايل "سُر" ڏاڍو ڪارگر ٿيندا. هيل شاهه صاحب جو "سُر سهڻي" پيش ڪجو ٿو وڃي ۽ اميد آهي ته اڳي موافق هن جو به پورو قدر ٿيندو.

بمبئي، ١٩٦٨ع — ڇيتن ماڙيوالا

Printed by Karmhcand N. Dewani at the
Chandan Printing Press, Hansali Tank Lane,
Dadar, Bombay 28.
and published by Prof. C. L. Mariwalla Jai Hind College
A Road, Churchgate, Bombay 1.

سنيرائي، پٽ کي سفر تي اُسهڻ جي اجازت ڏنائين.
جوان مرزا اُتي هندستان ۾ خوب سٺو شغل ڪيا ۽ لطف
ورتا ۽ مال جي مٺا ستا ڪٽي. آخر وطن ورڻ جو ويچار
ڪيائين. موٽندي هن جي قافلي گجرات شهر ۾ اچي
ڏايو ڪيو. گجرات پڙهو ڀاڳيو، هنر ۽ ڌن دولت ڪان
مشهور هو. گجرات نگر جي ٿانون ڪان خاص هاڪارو
هو. اهي ٿانو اهڙا ته نزاڪت ڀريا، نفيس ۽ سهڻا هئا،
جو اَمير ۽ حاڪم پڻ اُنهن جي خريديءَ جا مشتاق هوندا
هئا. ڇا سندن سڀولائي هئي ۽ ڇا ڇٽسالي! سندن
رنگ روپ ۽ روغني جلوو خريدارن کي موهي ڇڏيندو
هو. سراء ۾ رهندي مرزا جي ڪن سڪر ماڻهن سان
ڏيٺ تي ۽ ڳالهين ڪندي پتو پيس ته تلا ڪنيار جا
ٿانوَ ساري شهر ۾ سهڻي ۾ سهڻا هئا. سو ايڏي ساراه
ٻڌي هڪ نوڪر چاڙهي موڪليائين ته نموني طور ڪي
ٻرتن وٺي اچي. خيال هوس ته جي اهي مونکي پسند
آيا ته پوءِ ڪجهه ٻيا پڻ خريد ڪري سوکڙيءَ طور
اهي ڳوٺ نيئي هلبا. نوڪر جڏهن تلا ڪنيار جي
دوڪان تي آيو ته خريدار ۽ خريد جون جنسون ڏسي
دنگ رهجي ويو. ٿانوَ سي نڪر جا هئا پر ناهيندڙن
منجهن جنسي پنهنجي جان ڦوڪي هئي. حق تي تلا
ڪنيار جو نالو وڏو هو! واقعي سندس ٿانوَ عبرت ۾
وجهندڙ هئا. نوڪر سودو ته سفرو ڪيو، مگر پئسا

عاليشان عمارتون، بلند منارا ۽ خوشبوءِدار دلڪش ۽
راحت بخش باغ بوستان رچي، دنيا جي مجازي شوقينن
کي هندستان جو هڪواريءَ سير ڪرڻ لاءِ اتاولو
بڻايائين. ساڳئي وقت هنر ۽ ڪاريگريءَ جي ڪماليت
سبب پڻ هندستان جو ناماچار ديسان ديس ايتري قدر
پکڙجي چڪو هو، جو ڪتان ڪتان جا بارڪو، واپاري
۽ ماهر، ڪشالا ڪڍي، هندستان ايندا هئا ۽ ملڪ جي
ڪلا تي جنسي موهت ٿي پوندا هئا. جيڪڏهن تنهن
زماني ۾ ڌرتيءَ تي ڪنهن هنڌ نس بس سورڳ هو ته
هتي هندستان ۾ ئي هو، جئن فارسي بيت ۾ چيل آهي:

اگر فردوس بر روي زمين است-

همين است و همين است و همين است.

انهيءَ ڪري جيڪڏهن بخارا شهر جي وڏي واپاري
مرزا عاليءَ جي هڪ ئي سڪيلڌي ۽ جوان پٽ جي
اچي دل سرڪي ته هند جو هڪواريءَ ۽ فورن سير
ڪري اچان ته ڪهڙو عجب! اچرج جاجو!! مرزا عاليءَ
بهي پٽ ورتو هو، تنهنڪري هن کي اکين کان هوءَ
بري ڪيئن ٿي ڪري سگهيو! بر سڪيلڌي پٽ کي
صفا ناڪار به، ڪيئن ڪري!!! دل کي ڪجهه تسلي
ڏيڻ خاطر پٽ کي مچايائين ته گهمڻ گهتڻ سان گڏ وڻج
واپار ڪرڻ ۾ هرج ڪونهي. هڪ عمدو قافلو تيار ڪرائي،
قيمتي مال جي نظرداريءَ ڪاڻ اعتبار جوڳا نوڪر

وطن ورڻ تي ڪجهي پيئي ۽ رستي جي خرچ نه ڪي ڪڍڻ
ڪاڻ ۽ شخصي لالچ وس ٿي هو گهر ٻيون هٽڻ لڳا ۽
مرزا ڪي ٿري پيئنگ ڪري، رالوواه بخارا نڪري هليا
ويا. عزت بيگ ڪي جڏهن ٿگيءَ جو سماءُ پيو تڏهن
حد ارمان ٿيس، پر هو سهڻيءَ جي هر روز واري مختصر
ملاقات تان هٿ ڪڍڻ لاءِ هرگز تيار ڪين هو. تنهن
ڪري پئسا نه هوندي به هو تلا ڪان ٿانوَ اوڌر تي ڌڪڻ
لڳو. جڏهن اوڌر چڪائي نه سگهيو تڏهن تلاسان پوڙهيو
ڪري رقم ڀاڙڻ جو ذڪر ڇوڙيائين. تلا ڪي مٿس ترس
آيو، تنهن ڪري مال چارڻ ۽ ڪير ڏهڻ جي سوڪي ڪرت
مٿس رکي. جيتوڻيڪ هيءَ مزوري مرزا جي شان
وٽان ڪين هئي، ته به ڏٺيءَ جا شڪرانا مڃڻ لڳو جو
ڪير ڏهڻ جي صدقي ڪيس سهڻيءَ جو ديدار ته پيو
نصيب ٿيندو!! ياڻ ۽ ڏٺيءَ ۾ ايمان ڌارڻ جا مرزا ڪي
جلد ۽ جهجها پاڙا مليا. هڪ لڳا جڏن هو ڪير ڏهي
رهيو هو تڏن سهڻي جا اٿان اچي لانگهائو ٿي تنهن جي
دل اچي تازي ڪير پيئڻ تي ٿي. ڪانئس چڪو سڳر ڪير
جو گهريائين - مرزا ڪي پيو گهڙ ٻوڙي چا هو!! ڪير وٺندي
سهڻيءَ جون نظرون وڃي ميهار جي نظرن سان مليون ۽
سندن پريت اُن مهل ئي پڪي راس ٿي. هاڻ ته تازي
ڪير جي ٻهاني پيو سهڻي ۽ ميهار جو گڏجڻ ٿيندو هو
۽ اُها مهل هو پنهنجي دل خوب بهلائيندا هئا. پر خون

چڪائڻ مهل جڏهن سندس نظر تلا جي نياڻيءَ تي
پيئي ته مٿس ٻت ٿي بيهجي ويو. ههڙي سونهن هڪ
جسم ۾ هُوءَ ڪڏهن ڪين سڻيو هو! ٻوءِ جيئن ئي سرهه
۾ آيو تيئن سيگهه ۾ شيون آڻي عزت بيگ اڳيان رکيائين.
مرزا سان اِها حقيقت پڻ سليائين ته ٿانون ڪان وڌيڪ
ڪنيار جي نياڻي ڏسڻ وٽان هئي. مرزا نوڪر جو بيان
ٻڌي اَڻ ڏٺي جڳ اُن نينگر تي هوڪ هاري ويٺو.
وڻدي اُسر جو عزت بيگ پاڻ هليو خريداريءَ تي.
تلا جا ٿانو بيشڪ حيرت جهڙا هئا. حق تي تلا جي
دوڪان تي سارو ڏينهن خوب خريداري جمي بيٺي
ٿي رهي. ٻر سهڻي ٿانون کان گهڻي سهڻي ٿي لڳي.
چڱي چستائيءَ سان هٿي ٻيءُ ڪي ڏنڌي ۾ واهر ڪيائين.
عزت بيگ سهڻي ڏسي دنگ رهجي ويو. ههڙو مکڙو
ته هر روز ڏسجي، ۽ ٻيو ڏسجي، ٻڌو ٻيڻ جو هوني
ڪٿي! جهٽ پاڻ سنڀالي هڪ رمز رکيائين. چو ته تلا
کان ٿانو ٻڌي اڳهه تي خريد ڪجن ۽ ٻوءِ رنڙڪي طرح
نيڪال ڪجن. خريداريءَ جي ٻهاني تلا جي دوڪان
تي اچي ٿانون جي چونڊ ۾ ڪبي ۽ سهڻيءَ جو دل
گهريو ديدار ۾ نصيب ٿيندو. سو عزت بيگ اِها ٿيمت
ڪري ڇڏي - تلا وٽان ٿانو گهڻي پنهنجي سر نيڪال
ڪرڻا. جڏهن سندس ماڻهن ڏٺو ته نڪيو مرزا ته هاڻ
ملڪ موٽڻ جي نٿو ڪري، تڏهن سندن دل واٻس

ڪري سندس گذران سوکو ٿي پيو. جيئن سندس ناچار ويو پڪڙجندو، تئين شهر مان آسائتيون استريون پڻ زيارت لاءِ وٽس اچڻ لڳيون.

هوڏانهن سهڻي ٻڌ سکي ڪين هئي. هنڪي جو زوريءَ ڏم سان پرڻايو ويو هو ته هوءَ اندر ۾ پيئي ڏجهندي هئي. ميهار سان "لنوَ لائي هوءَ ڏٺيءَ در" پيئي پاڏائيندي هئي ته سندس "ست" هميشه قائم رهي ۽ ڪنهن پر ميهار سان ضرور سندس مڪاميلو ٿئي. ٿيو به ائين. ڏم ڏينهن جو هڻ پت ڪري راهه جو سوپائي سمهي پوندو هو، جنهن ڪارڻ سهڻيءَ کي اڪيلائي گهارڻو پوندو هو. هڪ ڏينهن پاڙيسري زالن جي ذڪر مان هن پروڙي ورتو ته هيءُ نئون فقير جو پراڻيءَ پر دونهين دکائي اچي ويٺو هو، سو پيو نه پر سندس ساهڙ ميهارئي هو. هاڻ ڪيئن اچي اتاولائيءَ ورتو ته فقير جو ديدار ڪجي. وجهه ملڻ تي سهڻي هڪ ڏينهن پاسيوارين زالن جي سنگ ۾ پراڻيءَ پر جوڳيءَ جي جوءِ تي ويئي ۽ اک ڇنڀ ۾ جاڻي ورتائين ته هي نئون فقير برابر ميهارئي آهي. ميهار پڻ ڪيئن جهٽ سڃاتو. اشارن وسيلي ميهار درياهه تري سهڻيءَ پر اچڻ جو اقرار ڪيو ۽ سهڻي پڻ درياهه ڪناري اچي ڪيئن ملڻ جي پڪ ڏني. ان رات پئي ڏينهن سنجها ٿيندي ئي سهڻي ڪو مينهن ڪري اچي ميهار کي مقرر مهل،

۽ ڪستوري لٽڪڻ جا ڪينهن. اڄ نہ سڀان قصو ظاهر ٿي پيو ۽ ٿلا پيو وسيلو نہ ڏسي، سڄڻن جي صلاح ٿي ٽڪڙ ۾ سهٽي، ڏم ٽالي ڪنهن ڪرڙوڻ سان پرٽائي ڇڏي ۽ ميهار کي وڻاڻ تان لوڏي ڪڍيو. حالتن جي هن اوچتي ڦيري ڪارڻ ميهار جي ٻہ دنيا مان دل کڻي ٿي ويٺي ۽ هوءَ جهنگ منهن ڏيئي هليو ويو. گهمندي هوءَ اچي ڪنهن ڀاڙيءَ تي ويٺل جوڳين جي مڙهيءَ وٽان لانگهائو ٿيو. سندس دل ۾ دونهين نہ دکيل ٿي رهڃي ويٺي هئي، سو ڪنهن فيض حاصل ڪرڻ ڪاڻ مهنت اڳيان شيوا ٽهل ڪاڻ اچي ويٺي رکيائين - ساڌو سندس روش ۽ رتوش ڏسي پرسن ٿيو ۽ ڪيس مڙهيءَ جي ڪم ڪار ۾ رنڀايائين. ميهار بہ مڙهيءَ ۽ مهنت جي دل وجان سان چاڪري ڪئي، جنهن پرسن ٿي ڪيس ڪنهن بہ مراد اڳهائڻ لاءِ اشارو ڪيو. ميهار ڪي نہ اهڙو وجهہ ڪپندو هو، تنهن مهاپرش سان اندر جو حال اوريو. ستپرش دعا ڪيس تہ "تنهنجي اندر جي آس اوس پوري ٿيندي." آديسيءَ جي آسيس وٺي ميهار محبوب جي وطن طرف وري آيو ۽ درياھ جي پراڻيءَ پر دونهين دڪائي، اوتارو اڏي، ويهي رهيو. سندس صورت ۽ سيرت ارسي پاسي جي ملاحن ۽ پيلي جي مالدارن کي ڏانهس ڇڪيو، جنهن ڪارڻ وٽس ڏڌ ۽ مکڻ، مڇي ۽ پيون اهڙيون وستون جام اچڻ لڳيون - انهيءَ

ٻُڌي ڇرڪو گهر ورندو هو، تنهن کي ڪاڏي ڪان ٻوءِ کي ڪين اُجهندو هو ۽ ڇهت ۾ ننڊ ڪٽي ويندي هيس. سهٽي سيڻي کي سنل ڏسي گهر جو در ڏيئي، ايندي هئي دريا تي؛ جتان ڪانهه جي گهاڙن ٻوڙن مان ٻنهي لڪائي رکيل دلي جي آڌار تي تري وڃي ميهار ڀر رسندي هئي ۽ ٻئي ڄار محبوب جي مجلس ۾ گذاري، اسر ڪان ٿي اڳي گهر واپس پهچي ويندي هئي.

هيءَ روزاني رهاڻ ڳڻ گهچ وقت ٻنا رخني جاري رهي. پرپوءِ ڪجهه ڇوڪرن شروع ٿي ويئي. ڪن سڄڻن سهٽيءَ کي اٿانگي ٿاٽي ايندو ويندو ڏٺو هو؛ تن ڪان رهيو نه ٿيو ۽ هو اُنڀانگه ڳالهيون ڪرڻ لڳا. اِنهيءَ تي ڏم، سهٽيءَ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر سهٽي همت نه ڀيئي اُڇي. هرڪو ڀرم شرم جو مارٻو آهي. سهٽي جو ٻاز نه آئي ته سندس تران کي رمز سجهي آئي، جنهن مان ”ڪني آگر ويٺي ڀلي“ جو مقصد سهنجائيءَ سان پورو ٿي ئي سگهيو. ڀاءَ سان ٻهي هوءَ هڪ شام جو سهٽيءَ وارو پڪو گهڙو سرڪائي، اُن جي جاءِ تي داءَ ڏنل دلو رکي آئي. اُنهيءَ رات ٻڻ روزمرّه موافق سهٽي دريا تي آئي. اونداهي رات هئڻ ڪري همت وجهڻ سان دلي ۾ ڪو به فرق نظر ڪين آيو. تنهن ڪان سواءِ سندس من ميهار ۾ اهڙو نه محو ٿي چڪو هو جو ڪيس ڪانئس

پوري ماڳہ تي مليو. ٻئي هڪ ٻئي کي هيتري مدت
بعد هيڪلو ملڻ تي خوشيءَ ۾ مڙو ٿي ويا - ميهار جو
پلو پچائي ساڻ کڻي آيو هو، سو ٻنهي گڏجي دل سان
کاڌو. ڳچ مهل گذرڻ تي سهڻيءَ ميهار کان موڪلايو.
پاڻ ۾ اهو پڪو ڪيائون تہ هر روز نماشام ميهار درياه
تري هن پر ايندو ۽ سهڻي اُتي حاضر رهندي.

ان ريت هوءَ روزانو پيا پاڻ ۾ پريت ونڊيندا هئا.
هوندي تہ هر روز ملاح ۽ ماڇي پلو مڇي فقير وٽ آڻيندا ئي
رهندا هئا، پر ڪو ڏينهن اهڙو اچي سهڙيو جو ڪرڻي ڪو نہ
آيو ۽ ميهار منجهي پيو تہ هٿين خالي هن پر ڪيئن
هلبو. پيو ڪو واهہ وسيلو نہ ڏسي هن پنهنجي ٽنگ جي
ران ڪپي، اها کڻي سيڪي پچائي ۽ پوري مهل تي
درياه تري اچي سهڻي پر تيو. پر ٽنگ جو رت ڇڏيو
هو ۽ درياه پار ڪرڻ ۾ جا وڏيڪ جفاڪشي ڪرڻي
پيئي هئس، تنهن ميهار کي ماندو ڪري وڌو هو.
سهڻي هڪدم پروڙي ويئي تہ اڄ ساڄن سان ڪا ٿوري
ويڌن ٿي آهي. پڇا ڪرڻ تي ميهار ساري حقيقت
پيرائتي ريت سهڻيءَ اڳيان رکي. سهڻيءَ کيس انهيءَ
قربانيءَ لاءِ دل گهرئو داد ڏنو ۽ اقرار ڪيائين تہ جيئن
تہ هاڻ هن لاءِ درياه تري اچڻ مشڪل هو، تنهن
ڪري هوءَ پنهنجي مڪان تي ويٺو رهي ۽ هوءَ پاڻ
درياه تري وٽس روزمرہ ويندي. ڏم جو سارو ڏينهن

ڏٺو ته ملاحن مان ڪين وريو، تڏهن سهڻيءَ جي سڪ ۽ قربانيءَ جو قدر ڪري، پاڻ ڪچهه پڪو پارڻ ڪارڻ پاڻيءَ ۾ گهڙي پيو. وس وڏا ڪيائين، حيلا سڀ هلايائين ۽ وڃي سهڻيءَ ٽوٽي رسيو. هوءَ ته ساڻي ٿي چڪي هئي. اُن کي پاڪر وجهي ڪناري طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪيائين؛ مگر پاڻ به هاڻ ٿڪو پئجي چڪو هو، جنهن ڪري حيلو هلندو نه ڏسي، حال تي راضي رهيو ۽ پاڻ کي ڪُٺي مهراڻ جي حوالي ڇڏيائين ۽ جهٽ ۾ درياهه ٻنهي کي پنهنجي دامن ۾ وٺي ڇڏيو.

شاهه عبداللطيف سر سهڻي، سهڻي – ميهار جي روچڪ ڪهاڻيءَ جي آڌار تي رچيو آهي، جنهن ڪارڻ سر ڪجي بيٺو آهي، پر انجي اَهميت فقط انجي سڪڻي ڪهاڻيءَ تي مدار نه ٿي رکي. شاعر جو اُن ۾ اوُنهو راز رکيو آهي، تنهن اُنجو ڳاٽ اوُچو ڪيو آهي. ڌڻيءَ هن دنيا ۾ اُهو رنگ رچيو آهي جو جيڪو ٿي اِنسان اُن ۾ پير رکي ٿو تڪ اُنجي رنگت ۾ رڱجيو وڃي. هن رنگ برنگي حسن تي منش اَهڙو ته مست ٿيو پوي، جو ڪيس ٻي ڪا به سمجهه نه ٿي رهي. هوُ هن مايا جال ۾ متوالو ٿيو پيو ڦيرا پائي ۽ جهمرون هڻي؛ وقتي خوش، وقتي رنج، وقتي حيران، وقتي پريشان، پر سرسري طرح اِنسان ٿوره جي ٻاهرين ڪل تي ئي پاڻ ڪوهي ويٺو آهي. هوُ دنيا کي اَهڙو ڇهڻيو پيو آهي،

سواءِ ٻي ڪا به سمڪ ئي نه رهي. رات ٻاٽ اونداهي
۽ مهراڻ ڦوڪيو ٻَئي وهيو. ڪنن جا ڪڙڪا، درياه
جي ڊرندڙن جا رڙڪا، واءُ جا گهوگهاٽ، جي هوند
ڪهڙي به مير ملاح کي ڏهڪائي وجهن، تن سهڻيءَ
تي ڪو ماتر به اَثر ڪين ڪيو. پاڻيءَ ۾ ٻانهون
ٻوڙي، آسري اَلله جي سهڻي ٽپي پيئي مهراڻ ۾. ڪجهه
وقت ته سفر سولو گذريو، پر جيئن ٿي هوءَ وچ سير ۾
آئي ته تفرقو ٿي ڦري ويو. وهڪرو تيز ۽ تکو، اُتي
ڪچو دلو ڪهڙي ست سهي سگهندو. ٻلو ٻرڻ لڳو،
ته به سهڻيءَ همت نه هاري. ٽنگون ٻانهون هلائي
ترندي هلي. پر اهو به ڪيستائين!! هٽي هٽي ساٽي
ٿي پيئي ۽ غوطا کائڻ لڳي. جڏهن ڏٺائين ته هاڻي
ڪونهي، تڏهن سڏن مٿي سڏ ڪيائين ته مَن اِهي ميهار
جي ڪن پهچن ۽ هوُ اَچي وقت سر واهرو ٿئي. ميهار
جو مهراڻ ۾ منهن وجهيو ويٺو هو ته اِجها ٿي سهڻي هن
پر پهچي تنهن اِهي سدائون سڻيون. ٻاڻ ته ويچارو
سڀڪجهه ڪري ها، مگر هوُ اَهڙو ته ضعيف ٿي چڪو
هو جو سمجهيائين ته سندس سڀ جسماني ڪوششون بنهه
بيڪار وينديون. تنهن ڪري ملاحن ۽ ماڇين کي آزيون
نيزاريون ۽ منٿون ميڙون ڪيائين، ته اَوهين ڪجهه ڪوشش
ڪريو جئن سهڻي بچي پوي. پر ڪنهن کي جگر ڪين
ٿيو جو هڙي مٿي مهراڻ ۾ ڪُٽي گهڙي. جڏهن ميهار

ميهار نه درياه جي پرانءِ پر هو، اُن کي وسڻ ڪاڻ، درياه پار ڪرڻ ڪاڻ ڪنهن ڪامل ڪنڀار وٽان پڪو دلو هٿ ڪرڻ جي ضرورت هئي، جنهن جي اوٽ تي مهاساگر پار اُڪري، پونءِ پر پرينءِ وٽ پهچجي. سالڪ کي پرينءِ ڏانهن پورڻ ڪاڻ، ڪنهن ڪامل مرشد جي درڪار آهي - دلي سواءِ درياه پار ڪرڻ مشڪل آهي. پر جڏن ئي سالڪ کي ”دوست جو ديدار“ ٿيندو رهي ٿو، تڏن سندس ترق پڻ زور وٺندي ٿي وڃي، تانجو سالڪ سڀ سڌ ٻڌ وڃايو وهي - محب سان ملاقات ڪاڻ درياه پار ڪرڻ هن لاءِ آسان ٿيو پوي؛ آخر دلي جي پڻ ڪين درڪار نه ٿي رهي. اَنت ۾ اُها نوبت اچيو رسي جو هوُ پرينءِ کان پلڪ به پري رهڻ نٿو چاهي. پر اُهو تڏهن ٿو ٿئي جڏهن هوُ پنهنجي هستي مٽائي محبوب سان ملي هڪ ٿي ٿو وڃي. سهڻيءَ جا سڏ ۽ واڪا ميهار تڏهن سُيا جڏهن هوءَ لڙهي چڪي هئي، ميهار تڏهن اچي ساڻس هڪ ٿيو جڏهن سندس هستي ميٽجي چڪي هئي.

شاه لطيف سر سهڻيءَ ۾ هڪ لطيف طريقي سالڪ کي صوفيانا چار ڏاڪا - شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جا - صاحب سان ملڻ جا ڏيکاريا آهن ۽ سمجهايو آهي ته ڪيئن سالڪ پاڻ نهوڙي، پريتم سان هڪ ٿيو

جو سمجهي ٿو ته مون سيکڻ پاتو آهي، وڌيڪ طلب
جي ڪا به ضرورت ڪانهي.

جيتوڻيڪ منش دنيوي وهنوار ۾ ورتو پيو آهي ۽
ٻئي ڪمن ۾ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ڪيس فرصت
ڪانهي، ته به نجو يا خالص سچ ڪڏهن ڪڏهن ليئا
پائي ڪيس نظر ضرور ايندو آهي. پوءِ جن تي ڌڻيءَ
جي پاڇهه پيندي آهي، سي اُن نجي سچ ڏانهن توجه
يا ڌيان ڏيندا آهن - اُهي سالڪ آهن. شاه صاحب
جي سهڻيءَ مان مراد آهي سالڪ جي، جنهن کي لياڪن
۾ سهڻي صاحب جو ديدار نصيب ٿيو آهي ۽ هن اُن
جو قدر سڃاتي، اُن تي هرک هاريو آهي. هر سالڪ
جڏهن دنيا مان پاڻ ڇڏائي لڏهن ته سچي صاحب ڏي
پورن ڌيان ڏئي ۽ اُن کي پائي. پر اندر توڙي ٻاهر
جبريون رڪاوٽون ڪيس روحاني راهه تي هلڻ کان
روڪين ٿيون. من، جو ڏمر مثل ڏائڻ ٿيو پيو منش کي
ڏنب ڏئي ۽ مايا جو کيل جنهن تي هرڪو هرکيو پيو
آهي، تن کان منش ڪيئن پاڻ ڇڏائي، جو اڳتي قدم
وڌائي سگهي؟ سالڪ کي ڪن جوڳن اُپاون ۽ ڪٺن
سادنن جي خاص ضرورت آهي. من يا نفس تي قابو
پائڻ ڪاڻ عقل ۽ ايمان گهڻو ڪجهه ڪري سگهن ٿا.
سهڻيءَ جو اهوئي پتن هو ته ڏمر ۽ سندس مائٽن کي
سمهاري پوءِ اچي ميهار سان ملڻ جي تياري ڪريان. پر

سُرُ سُهڻِي

داستان پهريون

١- وَهَہ ڪِنَ، واهُڙَ ڪِنَ، جِت نِيهُہ ڪِنَ نِرالِي،
جَن کي عِشقُ عَمِيقَ جو، سي خَلوَت خيالِي،
وارِيِين سي، والِي! هِيڙو جَنِين هَٿ ڪِئو.

٢- اَندِي وَڇون، ڪَندِي وَڇون، تَنگَنا لَهي نہ تِڪَ،
صُورَت جا ساهُڙَ جِي، ڏِيلَ پَهچِي ڏِڪَ،
واهُڙُ تَنِين وِٽَ، جَن سانيارا سُپِرِين.

٣- واهُڙَ وَهَنِ نَوان، اُچا وَہُ اَچِي ٿِئو،
گهر وينيون گهڻا ڪريو، سَرِيون! سَگُ سَوان،
صُورَت جا ساهُڙَ جِي، سا جي ڏِٺِي آن،
هُندَ نہ پَلِئو مان، گهڙو سَبُ گهڙا ڪَٽِي.

٤- جيڏِيون! ڏِٺيانجِي، صُورَت ساهُڙَ جام جِي،
سُکَ ٿِي سَتِيون کِين ڪِين، ڪاندَنَ پاسي ڪي،
مُنهائِي اَچِي، گهڙو سب گهڙا ڪَٽِي.

وچي - ”طالب کي ظاهري طرح سنساري سنبنڌ ڀل هجن، پر هنجو هنئون حبيب سان حل هئڻ گهرجي؛ شريعت تي پختو رهي، طريقت ۾ هلڻ جڳائيس، ۽ معرفت ماڻي، حقيقت سان هڪ ٿيڻ کپيس.“

چمتن ماڙيوالا

۱۰- وٽن وينا ڪانگ، وڃين تي ويلا ڪري،
ڳهڙي ڳهڙ و هٽ ڪري، سٽي سانجهي بانگ،
سيئي ڏونيي سانگ، جتي ساهڙ سڄرين.

۱۱- ڳهڙي ڳهڙ و هٽ ڪري، ڀهون نهاري ڀنگ،
سر در قدمِ يار فدا شد چه باشد،
وصل اهوئي ونگ،
راتِ جنين جو رنگ، الا! سي اڪارين.

۱۲- ڳهڙي ڳهڙ و هٽ ڪري، ڀهون نهاري ڀنگ،
و اما من خاف مقام ربه، اي لنگهيائين لنگهه،
سڪندين کي، سيد چئي، ڪين جهلندو جهنگ،
راتِ جنين جو رنگ، الا! سي اڪارين.

۱۳- ڳهڙي ڳهڙ و هٽ ڪري، چيلهه ٻڌي چوٽو،
مهجو من مهار کي، يار وڃي پهتو،
گوتي م گوتو، منکي محب مهار جو.

۱۴- ڳهڙي ڳهڙ و هٽ ڪري، ٻوڙ يائين ٻاهون،

٥- ڏِنِي جَنِ هيڪارَ، صُورَتَ ساهَڙَ جامَ جِي،
سُکِ سُڻيُون ڪِينَ ڪِينَ، پِرِي ساڻُ پَنارَ،
گِھڙيُون گَھڙَنِئا ڏارَ، ڪاهي پيئُون ڪُنَ ۾.

٦- ساهَڙُ مُون جِنءَ، سَرِتيُون! جي ڏِسو سِپيئي،
تِہ سُمَهو ڪِينَ سُک تي، پاسو وَرَ ڏيئي،
مُنها اَڳيئي، گِھڙو سَپِ ڏَهڙا ڪَٽِي.

٧- جيڪِين ڏِنو مانَ، سو جي ڏِنو جيڏِيُنِ،
گَھرَ وَرَنِين سانَ، هُندَ گَھڻِنِ گھوري ڇَڏِئا.

٨- گَھڙَنِ واريُون ٽِڙَن تي، گِھڙَن گَھٽِيئي،
سَپِڪا چي ”آن سُوهَٽِي، لءِ پِريان پيئي“،
صُباحَ سِپيئي پَسِيُون پاتارَ ۾.

٩- ڪَنڌيَ اُپيُون ڪيتِريُون، ”ساهَڙ، ساهَڙ“ ڪَنِ،
ڪَنِين سانگو ساهَہ جو،
ڪي ”ڏھوريسِ“ ڪَٿو گِھڙَنِ،
ساهَڙُ سَندو تَنِ، گھاگھائي گِھڙَنِ جي.

واڄٽُ وڄي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ري صواب، آئون ڏهٺوئي گهوريان.

٢٠- گهڙو پڳو ته گهوريو، تان ڪين ترُ، هيان!
ادب اکڙين کي، ڏيهاڙي ڏيان،
مهارن ميان، سڱون سنهائم پيچرو.

٢١- گهڙو پڳو ته گهوريو، آسر ۾ لاهيج،
لا تقنطوا من رحمة الله، ترهي ان تريج،
حبيباڻي هيج، پسين منهُ مهار جو.

٢٢- گهڙو پڳو، منڊ مٺي، وِٺا وسيلا،
سار ڇڏ يائين سير ۾، هيءَ! رهيا حيلا،
سهڻي جا سيلا، وحدت سڀ وڃائيا.

٢٣- گهڙو پڳو، منڊ مٺي، وسيلا وِٺا،
تهان پوءِ سُٺا، سهڻي سڏ مهار جا.

٢٤- جڏهه وسيلن، لوڙهي ڇڏي لُڙ ۾،
پارارا پرين، تڏهه پُڇي سوهڻي.

ويچاري وڏيُون ڪيوُن، وچ دريا داهوُن،
موٽ، مُحبَ! پاهوُن، تاڪِن تڪي آهيان.

۱۵- گهڙي گهڙو همٿ ڪري، الاهي اُهار!
جنگهه جرڪي وات ۾، سڀي ڪي سنسار،
چوُرا ٻيڙا چڪ ۾، اُٿر ۾ لُڙيس وار،
لِڪين ڇهُٽيس لوهِٽيون، ٽِليون ٽرنئون ڏار،
مڙئا مڇ هزار، ياگا ٽِنڊي سوهِٽي!

۱۶- منهن جهڙين جي موُن، ڏنو مُنهن مهار جو،
آهم ساهه سٿون، سو ڪنهن گهڙو گهوريان؟

۱۷- گهڙو يڳو ته گهوريو، مر چڙُر ٿيي چوُڙو،
طالبُ المولي مذڪرُ، اِيُ ٻڌندن ٻوُڙو،
ڪوڙهٿو ٿُم ڪُوڙو، موُن مهارُ مَن ۾.

۱۸- گهڙو يڳو ته گهوريو، مر ٻيڙ ٿئي ٻاهم،
طالب المولي مذڪر، اِي پر اَساهم،
پيئان م پاهم، موُن مهارُ مَن ۾.

۱۹- گهڙو يڳو ته گهوريو، پاڪا هو حجابُ،

سِڪَ رَسائِي، سُوهَڻِي! اَصلِ عاشِقَنِ،
سي جَهلِيُون ڪِينَ ڪُنَنِ، پُڇَنِ جي مِهارَ کي.

٣١- پُڇَنِ جي مِهارَ کي، پُڇي سي مِهارُ،
تُرهو تَنهِين بارُ، عِشقُ جَنهِين کي آکِرو.

٣٢- عِشقُ جَنهِين کي آکِرو، تُرهو مٿي تَنِ،
جي ساهَڙَ کي سِڪَنِ، تَنهِين جَرُ جَنبُ ٿِيي.

٣٣- تُرهو آهِ مَ تَنِ کي، جَنِ عِشقَ سين آگاهَ،
پُڇي مَسَ مَلاحَ، ساهَڙَ مَٿي سُوهَڻِي.

٣٤- ساهَڙُ سا سُوهَڻِي، سائُرُ پُڙِ سوئِي،
آهي نِجوئِي، ڳُجهَہ: ڳُجهاندَرَ ڳالڙِي.

وائي: ڪَهڙِي مَنجهِہ حِسابَ؟ هُنَرُ مُهِجو هوتَ رِي، لا!
گولِي! پَڄُ گُناهَ ڪان، ڪونَهہ سُولُ ثَوابَ،
هُنَرُ مُهِجو هوتَ رِي، لا!
نَڪِين تَفاوَتَ مَ، نَڪِين مَنجهِہ رَبابَ،
هُنَرُ مُهِجو هوتَ رِي، لا!

٢٥- پاڻُ مَ ڪَٽِجِ پاڻَ سين، وَسيلا وِڃاءِ،
عِشقَ ساڻُ اُناءِ، پيرُ پِريان جي پارَ ڏي.

٢٦- پاڻُ مَ ڪَٽِجِ پاڻَ سين، وَسيلا وِسارِ،
لُڙُ لَنگهائي، سُوهَڻي! پِرت وِجهندي پارِ،
سي تُرتُ لَنگهندِيُون تارِ، اُڪَنڍَ آڳَهُ جَنِ سين.

٢٧- پاڻُ مَ ڪَٽِجِ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وانءُ،
مَتاءِ سائرَ، سُوهَڻي! پِرتِ وَنجي پانءُ،
نيهَ ڳنڍي نانءُ، وَنءُ پِريان جي پارَ ڏي.

٢٨- پاڻُ مَ ڪَٽِجِ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وَڏُ،
لالَنُ تَنين لَڌُ، عِشقُ جَنين جي آڳ ۾.

٢٩- پاڻُ مَ ڪَٽِجِ پاڻَ سين، رِءَ وَسيلي وَڃُ،
پيلو پيري پَڃُ، اُڪَنڍَ ڪَرُ عَميق ۾.

٣٠- ڪونهَ آڳَهُ اِهَڙو، جِهَڙي مَحَبَتَ مَنِ،
اُبيُون اوري پارَ ڏي، ڪُوڙيُون ڪَڪَ پُڇَنِ،
نَدي تَنِ نيڙُ ٿيي، جي رِءَ تُرهي تَرنِ،

فَنا وِجهي فَمَ ۾، ڪارڻِ ٿِيُ ڪَبابَ،
هُئَڻُ مُهِجو هوتَ ريءَ، لا!
ڏي طَهُورا تَن ڪي، جي سِڪَنِ لاءِ شَرابَ،
هُئَڻُ مُهِجو هوتَ ريءَ، لا!
مُنِي ڪِئا مَرَضَ ۾، جاوا سَڀِ جَوابَ،
هُئَڻُ مُهِجو هوتَ ريءَ، لا!

داستان ٻيون

١- ڪَرَڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گَهِٽا، جِتِ جَرَ واڳُو جِئائِينِ،
پاڻُ اُڇلي آبَ ۾، وَهَ سِر وِڌائِينِ،
لَهِرِيُونِ لَنگهيائِينِ، لُطفَ ساڻُ، لَطِيفُ چئي.

٢- ڪَرَڳَلَ ڪوچَ ڪُنَ گَهِٽا، جِتِ ڏَڙڪو مَنجهه دَرياهَ،
اَچِئو اُتاهِمَ گهڙِي، سانگو ڪري نه ساهَ،
ساهڙَ جِي صَلاحَ، پارِ لَنگهايسِ ٻاجهه سين.

٣- دَهشتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ هَيبَتَ هُلاچو،
وِرچي وِيرِن وِچَ ۾، ڪاڏي وِئو ڪچو؟
ساهڙُ جامُ سَچو، ساٿي ٿُندِمِ سيرَ ۾.

خُدايائي خُوبُ ٿِيئين، لائين جي لُعابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

پَلِيتُ ٿِي پاڪُ ٿِيي، جُنبشو منجهه جِنابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

سو نه ڪَهِڙُ شيءِ ۾، جيڪِين منجهه تُرابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

هوءِ جي جَرَڪِئا جَرَ تي، سي تان سَڀ حُبابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

هادي سِين هُنَ پارَ ڏِي، رِڙهين ساڻُ رِڪابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

چَنبو وِجهي چورَ کي، آءُ ڇڙَ عُقابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

ديڊُ وِڃاءِ مَ دوستَ جو، هَلِي منجهه حِجابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

ڪَثْرَتَ آهي قُربَ ۾، اِدْغامَ ۾ اِعْرابَ،

هُئَڙُ مُهِجو هوتَ ري، لا!

٨- دَهشَتَ دَمُّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙَڪو،
آهِ اُنهِن پارَ جو، دِلِ اَندرِ دَڙَڪو،
پَڇي سِڪَ سَيدُ چئي، سيرَ سَنڌو سَڙَڪو،
والي! ڪِج وَڙُ ڪو، تَه پارِ لَنگهيان ٻاجهه سين.

٩- دَهشَتَ دَمُّ دَرياهَ ۾، جِتِ لُڙَ، لهَرِيُون، لَسَ، ليٽَ،
آٽِڪو اوڀارَن ۾، ٻانڊي ٻوڙي ٻيٽ،
جِتِ چِڪَرِ جي چيٽ،
اُتِ، ساهَڙَ! سيرِ لَنگهاءِ تون.

١٠- دَهشَتَ دَمُّ دَرياهَ ۾، جِتِ ٽِڪيُون تَوارُون،
مُهِڻيُون مانَ مِهارَ کي، پُڇِن پُڪارُون،
لَهُ، ساهَڙَ! سَنڀارُون، تَه لهَرِن لوڏي نَه مَران.

١١- دَهشَتَ دَمُّ دَرياهَ ۾، جِتِ جايُون جانارِنِ،
نَڪو سَنڌو سِيرَ جو، مَپُ نَه مَلاحَنِ،
دَرِندا دَرياهَ ۾، واڪا ڪِئو وَرِنِ،
سَڃا ٻيڙا پارِ ۾، هَلِئا هيٺ وَڃِنِ،
پُرزو پَڌا نَه ٿئي، تَختو مَنجها تَنِ،

۴- دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتَ سَتاٽا سِنسارَ،
بيحَدِ باڱو بَحَرَ ۾، هَيبَتَناڪَ هَزارَ،
ساريان ڪانَ سريرَ ۾، طاقَتَ توهان ڏارَ،
ساهَڙَ جامَ! سَتارَ، سِگهو رَسجِ سيرَ ۾.

۵- دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙَڪا ڪُنَ ڪَرِنِ،
ٻيڪَلِ ٻانڍيَ ٻارِ ۾، اُتِ لَهِريُون لوڏا ڏينِ،
سناورَ ساميا، اُتِ سِيٽا يا نَہ سَنڌِينِ،
جِتِ وِيريُون واتَ نَہ ڏينِ،
اُتِ، ساهَڙَ! سيرَ لَنگهائِيين.

۶- دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪَڙَڪو ڪُنَ ڪري،
ٻوڏي ٽاڪُنِ وِچَ ۾، مَتاعَ ويرَ ٽَري،
آءُ، ساهَڙَ! مُهجا سُپرين! پِرتا پيرَ ڀَري،
هادي! هَٿُ ڏري، اُونهي مان اُڪارِيين.

۷- دَهشَتَ دَمَّ دَرياهَ ۾، جِتِ ڪُنَنِ جا ڪَڙَڪا،
سَهي ڪينَ سَهوُنڊَ جا، ماندي دِلِ ڌَڙَڪا،
ساهَڙَ! توُن سُڌِ ڪا، فَرِيادي فَقِيرَ جي.

عَقُلُ، مَتِ، شَرمُ، ٽيئي نِيهَ نهوڙِئا.

٢- گهيڙا ڪَري نه گهوُرَ، تَڙُ تڪَڙَ ڪان نه لهي،
جِهُ ڪي سِڪَ ساهَڙَ جي، پُورَنِ مَٿي پُورَ،
ڪارِيَ راتِ ڪُنَنِ ۾، وَهَنِ ڪي وَهَلوُرَ،
جِهُ ڪي ساڻُ پِريان جا سوُرَ،
تِهُ ڪي نَدي ناهِ نِگاهَ ۾.

٣- جِئان گهڙِي تِئان گهيڙُ، ڪَهَرو پُڇَنِ ڪوڙيوُن،
ذَمَ سِين جُسو ظاهِرا، مَنَ مَهار سِين ميڙُ،
سا نَدِي پائي نيڙ، جِهُ ڪي سِڪَ ساهَڙَ جي.

٤- جِئان وَهي تِئان واتَ، ڪَهَرو پُڇَنِ ڪوڙيوُن،
جَنِ ڪي سِڪَ ساهَڙَ جي، سي گهيڙَ نه پُڇَنِ گهاتَ،
جَنِ ڪي عِشقَ جي اُساتَ، سي واهُڙَ پائِنِ وِڪڙِي.

٥- ڪِهُ جِهُ گهيڙَ گهڙِي، جِنَ اوَتَڙا تَڙُ ٿِئوسِ،
سالِمَ ويئي سُوهڻي، ڪُنَنِ ڪيني نه ڪِئوسِ،
اُهسُ اَکَڙِينِ ۾، پِريان جو پِئوسِ،
حَقَا حَقُ ٿِئوسِ، هُئي طالِبَ حَقَ جي.

کو جو ڦهرُ ڪُنَن ۾، وِٺا ڪِين وَرَنِ،
اُتي اَٽَنارُنِ، ساهَڙَا! سِير لنگهاء تُون.

١٢- ڏَرَهڙَ ڏنس دَرياهَ ۾، جِت لُهرِيُون ڪَنِ لوڙا،
سَٽَين اَچِي سمُونڊَ ۾، تِنَّا سِيٽَّايا سوڙا،
جي تارو هُئَا توڙا، تَن هَرِبو پايو هيڪڙو.

وائِي: سَچا ساهَڙَا! مُنکي تُون،
اي! وَهِيان واهر! مُنکي تُون،
اي! نيئِي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.
کُنَ جي ڪارُنيارَ جا، وو! سي آئُون پائيان يُون،
اي! نيئِي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.
سَندو جِيَڻَ آسَرو، وو! مَناء لاٿو مُون،
اي! نيئِي اولِ پِريان جي پارَ ڏي.

داستان ٻيون

١- تَڙ تَڪَڙ تارِ ڳهڙَنُ، اِيُ ڪاڻِيارِنِ ڪَمُ،
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏيَهَ ۾، ڏي ڏوراپا ڏَمُ،

١١- صَبرُ شاڪِرَنِ، آهي اوطاقُنِ ۾،
جي وَصْلُ ٿِيا وِصالَ ۾، سي ذَرو نَ ظاهِرُ ڪَنِ،
وِيِيتَ واهَرَ ٽـَرَنِ، هِيڙا جَنِّ هَڄي وِئا.

١٢- پَلِ پَلِ ٿي پَلي، ڏَمَ ڏِيهاڙي ڪيتَرو،
پَسي دَورُ دَرياهَ جو، وِڃا ڪِينَ وَلي،
ڪارِيَ راتِ قَرِيبَ ڏي، مَنجها حُبَّ هَلي،
نَ ڪِهَ جهولَ جَهلي، هُئي سُمَن پُوري سُوهَڻي.

١٣- جهولَ نَ جَهلي سُوهَڻي، سائِرَ سَتَ سَندِياسِ،
جِهَ اِهَڙي جائي عاجِزا، سا مَرُ مَرَڪي ماسِ،
پَسِين جي پِئاسِ، تَ ڪِينَ عِشقُ آٽِيِين.

١٤- نَڪا جهولَ جَهلِيِسِ، نَ تانگو نَ تارِ ڪِينَ،
ڏَمُ ڏِيهاڙي ڪيتَرو، پَرِ ۾ تو پَلِيِسِ،
تان تان جِيُّ جَلِيِسِ، ملي جان نَ مِهارَ کي.

١٥- سِهَ سِيارو، پاڻي پارو، جِتَ جهُڙُ، جَهَڪَ، ۽ جهولَ،
مَنَ اَندَرِ مِهارَ جا، هِيڙي اَچَنِ هولَ،

٦- هُئي طالب حق جي، توڏي لاکون توڙ،
نه ملاح نه مڪڙي، نڪين ٻڌي نوڙ،
پاڻي پني ٻوڙ، سهڻي ليکي سير ۾.

٧- توڏي توڙائين، نيهه نوازي سوهڻي،
ڳچي هار حبيب جو، لائق لڏائين،
سو تڙ سونائين، جيڏاهه عالم آسرو.

٨- توڏي! تهائين جي، سي هنهين ڇڏ حرص،
ساهڙ ڏارا، سوهڻي! ڪوئيون ڪن ڪرس،
وڏي اي ورس، جن ڏم وت ڏيه گذاريين.

٩- توڏي کي تعظيم، ٻئن سپنا اگري،
اوڏي تي الف کي، من گڏيائين سين ميم،
جيلاهه ذات حليم، ملي تي مهار کي.

١٠- ساري سک سبق، شريعت سندو، سوهڻي!
طريقتا تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، اصل عاشقن کي.

پَسان تُهِجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، لِيارَ،
جِهَ تو سَڀَ جَمارَ، آسائِتيُون ٻوڙِيُون.

٢١- ڪَڙِ ڪَڙِ، ڪُنَ! مَ وَڃُ، ٻانِڌي ٻوڙِ مَ ٻارِ ۾،
مُون تي جا مِهارَ جي، سا ڪِنءَ ڏُٿان ڏَڃُ؟
توءِ گِهڙنِديَس اَڄُ، جي اُڀتا آرَ ڪَرِيِنِ.

٢٢- اَدا! ڙِي! ٻانِڌي! توکي ڪَڙِهان ڪِ ڀاڪَ ڪَي؟
سُوڌي خبر سَڄڻين، تو ڪا تَڙِ آنديِ؟
تُوُن ڀاتارِ ٿا ڀانِڌِي، اَسان پَنڌُ ڀِريَنِ ڏي.

٢٣- مَحَبَّتيءَ مِهارَ جِيُون، دِلِ اَندَرِ دُونهيُون،
آٽِڻُو وِجهي آرَ ۾، لُهاٽُو لُوهِيُون،
جي ساهَڙَ جِيُون سُونهيُون، سيرَ سِراڙو تَنِ کي.

وائي: مَدَدَ تِيءَ، مِهارَ! يارَ! ساهَڙَ! سائِرَ سيرَ ۾.
اُونها ڪُنَ، اَٿانگَ تَڙَ، اوليِ هَڙَ، آدارَ!
ساهَڙَ! سائِرَ سيرَ ۾.
ڏِيهَ ڏُهِلا ڏَمَرُ سِيِنِ، آهيان آهِڻا ڏارِ،
ساهَڙَ! سائِرَ سيرَ ۾.

جيلاهه بَديسِ بولَ، تي اَڙانگا آرَ تَران.

١٦- سياري سهه رات ۾، جا گهڙي وسندي ميهه،
هَلو تہ پڇون سوهڻي، جا ڪَرَ جاٽي نيهه،
جه ڪي راتو ڏيهه، مهارُ ئي مَن ۾.

١٧- ساوڻ گهڙي سپڪا، هي سرهي سياري،
تَنُ وِڌائين تار ۾، اَرواح جي آري،
محبتي ماري، ڪونه دادُ دَرياهَ ۾!

١٨- باندي! جي پيلي ٿيين، ته حالُ گرهيان هيءَ،
سگهو ساعت نہ جندڙو، جَر ري مُهجو جيءَ،
ساوڻُ سيارو پائيان، وَهِ پريان جي ويءَ،
پارِ جنين جو پيءَ، وڃڻ واجب تن تي.

١٩- واهڙ! پريون م پاءِ، تو پُرِڻ ليکو ڏيڻون،
سدا ساوڻ ڏيهڙا، هيهم نہ هنداءِ،
وهاڻي ويندا، اوير اتاهان لهي.

٢٠- واهڙ! وهين م چالَ! سُڪي پلائيون ٿيين!

پُورِ ينديس پارِ مَٽي، سَهسين جي سِنسارَ،
ساهَڙ! سائِرَ سير ۾.
گولي، گهاگهائي گهڙي، جَڪِن ٿا جانارَ،
ساهَڙ! سائِرَ سير ۾.

داستان چوٿون

١- اَدِيُون! سَڀ اَندامَ، ڇَڙَنِ مُهجا ڇورِ ٿا،
لاڙُنِ جا لَنءُ لائِيي، سا ڪِنءَ آڇِيان عامَ؟
لَڳِيَس جِهِ جي لامَ، سو دِلاسا دوستُ مُهي.

٢- ڇڏاري ڇڙا، ٻـُرَنِ ٻيلايَنِ جا،
سُٽي سَنيارَنِ جو، پِيمِ ڪَنّ پـڙاڏُ،
وِهَڙُ مُون نه وَڙاءُ، سُٽيو جهانءِ جهڄي هِيُون.

٣- ڇَڙَنِ چوري آهِيان، سُکِ ٿِي سُمَهان ڪِيّ؟
ساريان ساهَڙَ جامَ کي، ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِيهَ،
مِهارَ مَرَڪَ سِيّ، نيـُرُ پاتُمِ نيهَ جو.

٤- ڪارا ڪُنَ، ڪاري تُڳي، جِتِ ڪارِيهَرَ ڪَڙڪا،

ٻچَل ٻانڌي ٻارِ ڪري، اَت اُبتا آرَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

تِني گهڙي سوھڻي، آڳَهَ رِءَ آڌارَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

"ڪاري راتِ، ڪچو گهڙو"، توڙِيَ ڪِي تَوارَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

سَنيُوڙو سِيڻاهِ سين، سِگهو رَسُ، سَنگهارَ!

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

اورارا آھون ڪَرِيان، پُھچان شالَ پَرارَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

سُٺو جهانءِ جهڄي هيُون، سانِيارا سَنِيارَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

آيَمِ ريلي رِيءَ سين، اَللهَ! تو آھارَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

تارِ تَرَنديَس، لڙَ لَنگهينديَس، وِنديَس وَتِ وَچارَ،

ساھڙَ! سائِر سيرَ ۾.

وڃي رُوءِ ٻروءِ، ڏيکيان دوست مهارَ کي.

٩- هُنَ پَر سڀِ هاڪَ، سُڻي سَنيارَن جي،

محبتي مهارَ جي، چڙَنِ چورِ ٿا چاڪَ،

اُنين جي اوطاق، وڃڻُ واجب مُون پئو.

١٠- ڪيڏاهَ گهنڊَ ڳُڙَنِ؟ ڪيڏاهه اُٿي ويئيُون؟

تيڏاهَ ٽيُون چرَنِ، جيڏاهَ پُٽ مهارَ جي.

١١- ڪٿي ٿئو مهارُ؟ ڪٿي ٿو گهنڊُ ڳڙي؟

ڪٿي ڏُونهي دوستَ جي؟ ڪٿي پَريُون پارُ؟

جِه مُون سڀ جمارَ، جَر ۾ جهوٽون ڏنيُون.

١٢- وڃن سڀن ويٺي، سُورَ وياچي سُوهڻي،

آن ڪا ٿي ڏيٺي، ميهنِ جي مهارَ سڀن؟

١٣- پُڄئو پنگهنِ پاندَ، ويٺي روءِ وڃن سڀن،

ڪُه ڪَريندي‌س ڪاندَ؟ گهرُ پڳو تان گهورِئو.

١٤- ڳچي پايو پانڌَ، ويٺي روءِ وڃن سڀن،

مَٿي مَٿي مِهراڻَ ۾، اَڇِنِ ڏُ پارا ڏَڙڪا،
وِيندي ساهَڙَ سامُهان، جهولَ ڏِنَس جهَڙڪا،
ڪَرِڪِنِ جا ڪَڙڪا، سوُنها ٽِڙَسِ سِيرَ ۾.

٥- ڪَرِڪِنِ خوشِ ڪِياسِ، مُحَبَتي مهارَ جي،
پَسَڻَ ڪارَڻِ پِريَ جي، آڏي اُٿِياسِ،
سُٺي جاڳاياسِ، سانيڙ سُپيرِيَنِ جي.

٦- جِيارِيَسِ سَنيارَ، ڪُهه ڪَرِيندَمِ گڏجي؟
ويروتار وُجُودَ ۾، پِرِيَنِ جي پچارَ،
سي سَڄَڻَ هُونِ نه ڏارَ، جي هِيين ۾ حَلُ ٿِيا.

٧- بيلي پارِ پُري، مُون کي ڇِڙَنِ چورِئو،
مُحَبَتي مهارَ جي، سُٺي شاخ ڇُري،
مَٿي جهوڪَ جُهري، پُنديسِ پارِ پِرِيَنِ جي.

٨- هُنَ پَرِ سُبِمِ هُوءِ، سُٺي سَنيارَنِ جي،
چُٽ ڇِڙَنِ چورِئو، جوُنڪَ ٽِڙَمِ جوءِ،
مُحَبَتي مهارَ جي، بالله پِيمَ بوُءِ،

وَڻُنِ جي ڪيرَنِ سِيِنِ، سَدا تِيئُن سُونَهَنِ،
مُنڪي ماڻڪيِنِ، تاڻي هَنيو تارِ م.

٢٠- ميِهيوُن هِنَ مِهارَ جيُون، اَلا! سَڀ جِيَنِ،
ڪارِ يُون، ڪَڪيُون، ڪُنڍيُون، وارا ڪِئو وِيَنِ،
جُوءِ جا جاندارَنِ جي، ٻيلا ٻَهَ ٻَهَ ڪَنِ،
اَچي رڍِلَ رَهَنِ، مُون سانپارا سُپرين.

٢١- چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي آرَ،
ڪوڙِ يِنِ ڪَرَ ڪَڪَنڍيُون، سُٺي سَڏَ ڏِڙارِ،
ميِهيوُن ساڻُ مِهارَ، پَرَچي پارِ لَنگهيندِيُون.

٢٢- چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي ٻيٽَ،
لَڙَ لَنگهيندِيُون ليٽَ، لُطفَ ساڻُ، لَطيفُ چي.

٢٣- چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي ڪُنَ،
ڪوڙِ يِنِ ڪَرَ ڪَڪَنڍيُون، ساهَڙَ جي سُمَنَ،
ميِهيوُن ساڻُ اُمَنَ، پَرَچي پارِ لَنگهيندِيُون.

٢٤- چاهَڪَ چَري، تارِ تَري، آيُون مَٿي ڪُوهَ،

لايان لالَ لِڳَنِ کي، اَئين جي چَرو ڪانئَ،
آئُون اَواهِنجي دانئَ، سَدا پُٽان سَنَري.

١٥- پيلئا جتِ پَڳُون، آيُون اُتِ وَرِي،
ڪانئِ ٻِي ڳَرِي، ميهَنِ کي مِهارَ ري.

١٦- مِهارا مِرکَ، پيتائين پِريم جي،
تہ مُنڌَ مَتوالي کِي، سَندِيَ ساءَ سُرِکَ،
لَڳيَسَ ڪامَ ڪِرکَ، لوها تِکي لَطيفُ چئي.

١٧- مِهارا مَهِي، پيتائين پِريم جي،
اُرِکَ، سُرِکَ، سَيّدُ چئي، لَڳيَسِ ڏُوتُ ڏَهِي،
سَگهي تان نہ سَهِي، مِلي جانِ نہ مِهارَ کي.

١٨- مَرِي تان مَ مهارُ، وَتارُ وِلَهو مَ تِيِي،
وَڃِنِ جي وَچارَ جو، وِنگو ٿيي مَ وارُ،
ساهُڙُ مُون سينگارُ، مازهُنِ ليکي ميهُڙُون.

١٩- ميهيُون هِنَ مهارَ جيُون، اَلا! سَپِ ٻَڃَنِ،

٢- ساندهه سڀ درياهه، پري ڪنڌي پار جي،
ڪنبي هيون ڪماحقه، آر مٿي ارواح،
دلاسي دارين جي، سانڍيو سانڍي ساهه،
جي توهه ٿيي توڏاهه، ته وير وهيڻون ناهه ڪين.

٣- سڪڻ وارن سٿرو، جي دهشت سان درياهه،
اوڙڪ انين جو نه رهي، آر بنا ارواح،
ويندي ساهڙ سامهيون، صدقو ڪنديون ساهه،
جن کي حب انهه جي آهه، ساهڙ ساٿي تن جو.

٤- گهڙئا سي چڙهيا، ايهم اٿيئي،
مٿي مٿي مهراڻ ۾، پوءِ ٿپو ڏيئي،
ته مهار مليئي، سنپوڙو سيڻاهه سين.

٥- اکيون منهُ مهار ڏي، رکيون جن جوڙي،
رءَ سنڌ، سيد چئي، تار گهڙن توڙي،
تنين کي بوڙي، سائر سگهي ڪين ڪين.

٦- آڏي اُڏاڻا، سرتيون! سُڪ مهار جا،

سُٺي سَڌ ساهَ جي، راضي تَندَنِ روُح،
ميهوُن ساڻُ صُبوُح، پَرچي پارِ لَنگهيندِيوُن.

وائي: مُنکي ڪامَ جهَلي، سَيَڪا پاڻُ پَلي،
آئُون وِڏَڙي نِيهَ اُڇَلي.

وِيندي آئُون پارِ پِريان ڏي، مُنکي ڪامَ جهَلي،
آئُون وِڏَڙي، نِيهَ اُڇَلي.

تَنُ وِڏائِين تارِ ۾، آڌِيَ راتِ اُڇَلي،
آئُون وِڏَڙي، نِيهَ اُڇَلي.

پَسي ڏُونهيُون دوستَ جيُون، مُهجو جِيُّ جَلي،
آئُون وِڏَڙي، نِيهَ اُڇَلي.

داستان پنجون

١- ساندَهِ سَڀُ دَرياهُ، پَري ڪَنڌي پارَ جي،
چَڪي چولِيَ ۾ گهڙي، جِتي جِيَّ وِڙاهُ،
پَسُو ڏوهَ ڏَڪي هيوُن، آرَ مَٿي اَرِواحُ،
جي نوهُ ٿيي توڏاهُ، تَہ وِيرَ وَهَيڻوُن ناهِ ڪينِ.

شڪستي، سيد چئي، جيهان ڪرئو چوءِ:
"ساهڙ! سانگ سندوءِ، اچي اورهڙ ٿيي."

١٢- سندو ذم ڏهڪار، هڏ هڏ ڪونهي هن کي،
هي پاٽي سين پاهجو، پسائي نه سنگار،
ڪارڻ منڌ مهار، ڪاري رات ڪن ٿري.

١٣- ذم ڏيهاڙي ڏئي، سندا ميهر ميهڻا،
جهليم تي جهولي ۾، پلءِ پائيو سي،
مرجان چاليه چئي، سگا سپيرين جي.

١٤- جيهر لوڪ جهپ ڪري، ذرو جاڳ نه هوءِ،
اوهير اچڻو، اديون! پڇه پريان جو پوءِ،
جي ڪڇو چوڻم ڪوءِ، ته مرڪ پايان ميهڻون.

١٥- ته ڪر ڪنءِ سڻي؟ جي سير نه گهڙي سوهڻي،
همت حياتي ڏيهاڙا، هڏه تان نه هٿي،
چڪي ته چري کي، جو ڏنس ان ڏهي،
سهڻي کي، سيد چئي، وڏو قرب ڪهي،

لَنگهي سِيرَ سَوان ٿِيا، ساهَڙَ سيباٽا،
پيَرَنِي تي پاٽا، پُسان مانَ پِرِيَن جا.

٧- آدِيَ اُداٽو، هِيَڙو مُون هَٿَنِ مان،
وَرِهِ پَڻِي، واهَڙَ تَرِي، ساهَڙَ سيباٽو،
پيچ پيَرِي پاٽو، پِيَ جو پَسِي آئيو.

٨- جيڏاهَ چِت چاهُ گهَٽُون، آرُ پِ اوڏاهين،
وَڃي وَهُ واڪا ڪئُو، ٽِڪو ٿِيائين،
مِهارُ مِلائين، لهِرن مَنجهه، لَطيفُ چئي.

٩- پَلِڪان، پَلِڪو نَہ رَهي، نِرتُون نِيهُ نِبارُ،
گِهڙان، گهورِئو جِندَڙو! اُٿَلَ مُون اَپارُ،
جَنِين مَنِ مِهارُ، هَلَڻُ تَنين حَقُ ٿِئو.

١٠- پَسُ! پَسَٽا پَرِي ٿِيا، اوري سَندُن آرُ،
دَرياهَ رِي سَهاڙُ، ڏُسَرُ گهَٽُو ڏُهلو.

١١- ڪاڏي وَڃان؟ ووءِ! جِن وَهَڙَ وَڃارِن مَنٿو،
ڏُوڏي پُڇي ڏِيهَ جا، جَرَ سِرِ اُپِي جوءِ،

٢١- جيڪين ڏنءِ تار ۾، ڪنڌي سو ڪهيج،
ڄرُ وڏو جهاجهه گهٽي، پاندُ م پُسائيج،
ساهُڙ ساڳاهيج، ته ثابتُ لنگهين سير مان.

٢٢- ڳُورا ٻَئِي پار، هِيُون حيرت ۾ پئو،
وِهان ته ويرم ٿيِي، نيهَ ۾ پوءِ نهار،
وَڃان ته واڪو ٿيِي، پاڙي پوءِ پچار،
هُتِ ٿي وَعدي وار، هِتِ سُونُون ڏينم سرتيُون.

٢٣- جا هَڙَ اَندَرِ جيَّ، ساهڙ ڏني ساه کي،
سا هَڙَ ڇُڙي نه ساه جي، سا هڙ ساهڙ ريَّ،
ساهڙ ميڙ، سميع! ته سا هڙ ڇُڙي ساه جي.

وائي: اکيُون پير ڪري، وڃجي، ووا! وڃجي.
سُپيرِيان جي ڳالڙي، ڪِه سان ڪين ڪجي،
وڃجي، ووا! وڃجي.
لِڪائي لوڪ کان، ڳُجهڙي ڳوٺ نجي،
وڃجي، ووا! وڃجي.

هُنهمِ هُندَ مُٺيِ، پَرَ ٻُڌيَ جا پِيٺا ٿِٺا.

١٦- ڪا جا ڪُنَ ڪرينِ، ڀِڃي ڀِرِ جُهِڙ پارَ ۾،
اَکيوُن تہ آبَ ڪي، آڌيَ اُکيرينِ،
توٽِي ٽِڪُون ڏينِ، تَپِ اُجَ اُنين کي نہَ لَهي.

١٧- دائِمُ جا دَرياهَ ۾، مَڇِي ڪِني ڪوهُ؟
آهِس اِيُ اَندوهُ، پاڻِي ڪِٿي تہ پِيان.

١٨- ڪيرَ ڪُنَ؟ آئُون ڪيرَ؟ ڪيرَ ڏَمرَ سَهي ڏَمَ جا؟
قضا رِءِ ڪيرَ ڏَري؟ مَٿي پاڻِيَ پيرَ،
پِينَرُ! ڀِني وِيرَ، لِڏوتي ٿِي لوڙِيان.

١٩- جي ٻُڌان تہ بَنّ، اولِجان اُنَ پارَ ڏي،
ڪَنڌيَ اَڇُو سُڀِرين، مانَ "ٻَرِ ٻَرِ" ڪَنِّ،
مُيائي سِين تَنّ، جيڪَرَ اُٿِي نِڪران.

٢٠- لَهِرِ مِڙوئي لالُ، وَهَڻُ ڪَٿُورِئا وِترو،
اوٻَهارا عَبِيرَ جا، جَرَ مان اَچِنِ جالَ،
ڪُنَنِ گِهڙِي ڪالَ، سِڪَ پِريان جي سُوهَڻي.

سو موٽي ڪِنءَ پاڻهون؟ جو محفوظا مُعاف ٿئو.

٥- 'اَلَسۡتُ' اَرواحَنِ کي، جَڏهن ڇپائين جي،
'قَالُوا بَلٰي' قَلبَ ۾، ٿئو تَفاءُ لُ لِي،
مَحَبَّتي مهارَ جي، آئُون نِهوڙي نيهَ،
سَرتيُون! ساهڙَ سِيّ، هَلَڻُ مُون حَقُّ ٿئو.

٦- 'اَلَسۡتُ' اَرواحَنِ کي جَڏهن اُمر ڪِئو اَحدَ،
هو مَنَ ڪايو مِهارَ ڏي، سُهڻي سِڪڙَ سَدَ،
دِلو دَورَ دَرِياهَ جي، ڪِئو اِرادي اَڌَ،
جيڪين آيُسِ ڏاهَ عَهدَ، سو پاري مُندَ پاتارَ ۾.

٧- 'اَلَسۡتُ' اَرواحَنِ، جَڏهن فُرمايو فَتاحَ،
هو مَنَ ڪايو مهارَ ڏي، سُهڻي سُڪڙَ ساهَ،
دلو دَورَ دَرِياهَ جي، ڪِئو اِرادي اَداهَ،
جيڪين آيُسِ ڏاهَ اَللهَ، سو پاري مُندَ پاتارَ ۾.

٨- 'اَلَسۡتُ' اَرواحَنِ کي، جَڏهن فائِقَ فرمايو،
هو مَنَ ڪايو مهارَ ڏي، سُهڻي کي ساعيو،

مُحَبَّتِي مِهارَ جو، سُورُ نه ڪه سَلَجِي،
وَڃِجي، ووا! وَڃِجي.

داستان ڇهون

١- ساهَڙَ جا سِنگارَ، اَرَط لِڪئا اَڳِي هُئا،
نَڪا ڪُنْ ڦيڪَوُنْ هُئي، نَڪا ٻِي ٻچارَ،
مَلڪَنِئا مَهِد هُئي، توڙِي جي ٽِوارَ،
مُحَبَّت ساڻُ مِهارَ، لاياڻين، لَطيفُ چئي.

٢- سُهڻِي کي سِنگارَ، اَرَط لِڪئا اَڳِي هُئا،
ڪُنْ ڦيڪَوُنْ ڪانَ هُئي، نَڪا ٻِي ٻچارَ،
مَرَڪي ساڻُ مِهارَ، لاياڻين لَنءُ، لَطيفُ چئي.

٣- گهيڙَ لَنگهئو گهارِي، ميثاقا مِهارَ سانِ،
اَلَسْتُ بِرَ بِڪُمْ؟ قالُوا بَلٰي، پِرَ اِها پارِي،
ڏِسئو، ڏِيڪارِي، پِرت پِرِيان پيچرو.

٤- 'اَلَسْتُ' اَرواحَن کي، جَڏهه چيائُون،
ميثاقا مِهارَ سِين، لَڌيُون مُون لائُون،

١٣- ڪاري رات، ڪڪر گهڻو، اُٺئي اونداهي،
چنڊ نالو ناهِ ڪو، دريا ڏڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڌي ٿي آئي،
اِي ڪم الاهي، نات ڪُنن ۾ ڪير گهڙي؟

١٤- ڪاري رات، ڪڪر گهڻو، نڪا سيڪهِ ساڻُ،
وِجهي ويرم نہ ڪري، پريان ڪارڻ پاڻُ،
محبت کي مهراڻُ، سُڪي سَڀُ پٽُ ٿئو.

١٥- ڪاري رات، ڪڪر گهڻو، مٿاءِ وسي مينهُن،
هِڪو پيرُ بيراهَ جو، ٻئو سانپارا سينهُن،
شال م ڇڏي نينهُن، گهڙان، گهورِئو جنڊڙو!

١٦- اورار نہ پار، ويچاري وهَ وچ ۾!
سُڪي ڏني سُپرين، ٻئو مڙ يوئي تارِ،
تون گهڙُ، ڪيم نهارِ، ٻُڌندين سيڻ باجهون ڪري.

١٧- هِن پار، نہ هُنَ، ويچاري وهَ وچ ۾!
نينهُن نهاري نہ گهڙي، تہ ۾ پئس تنَ،

دِلو دَورَ دَرِياهَ جو، اوڏاهِين آيو،
جيڪين هادِيَ هَلايو، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

٩- 'اَلَسْتُ' اَرواحَنِ کي، جَڏهِ چيائين،
هو مَنَ ڪاڍو مِهارَ ڏي، سُهڻي سَدائين،
جيڪين آيَسِ اوڏاهين، سو پاري مُنڌَ پاتارَ ۾.

١٠- 'اَلَسْتُ' اَرواحَنِ کي، جَڏهِ جاڳايو جَليلَ،
سَئِين راهَ، سَيّدُ چي، سو نائُون سَبيلَ،
وَحدَتَ جي وادِيَ ۾، کوڙين کي قَليلَ،
دَرِياهَ جي دَليلَ، لوڙهي لَهوارا ڪيا.

١١- ڪامان، پَکان، پَکُران، لَکان ۽ لوچان،
تَنَ ۾ تَنسَ پِرينَ جي، پِيان نَہ ڍاپان،
جي سَمُنڊَ مُنهِ ڪَريان، تو ۽ سُرڪيائي نَہ تيي.

١٢- ڪامان، پَکان، نَہ مَران، سَڙان ساري راتِ،
بَنِ ٻَئائي کي وِجهي کَرِ پِريان جي تاتِ،
سِيڌُون سَنڌيُون سَڄڻين، اُيِرَنِ آڏي راتِ،
نَہ ڪِينْ هَٿ نَہ ساٿِ، ڏِيهاڙئو چَنگَ چَڙهان.

٢٤- سُڪيءَ جي سانباهه ۾، ٻُڌين، توءِ ٻُڌ،
ڪَڪَ، ڪانڌيرا، ڪانيُون، ميڙي ٻَڌُ مَ مُڌُ،
نَڪو ساهڙَ سَڌُ، نَڪا سُڃي سُوهڻي.

٢٥- جي تو بيتَ پاڻيا، سي آيتُون آهين،
نِئُو مَنُ لائين، پِرِيان سَندي پارَ ڏي.

وائي: ويني ڪِينَ وِساري، مَحبّتَ وِڌِڙي ماري،
ديواني، يارَ! ووا مَستاني؛ دِلبَرَ! جاني! ووا!
لا! ويني ڪِينَ وِساري.
جِهِ ڪي سِڪَ ساهڙَ جي، سا گهايِل گهرِ نَهَ گهاري،
لا! ويني ڪِينَ وِساري.
ڏَمُ ڏُهيلو ڏُکِئُو، سِرَ ۾ سوُئيا ماري،
لا! ويني ڪِينَ وِساري.
بيلي پاسِ ٻُرَنِ جي، تَنِ کَرکِنِ وِڌِيَسِ ڪاري،
لا! ويني ڪِينَ وِساري.

اَللهَ سائِ اُمِن، آرا کهِ اَکارِيِن.

١٨- سَهَسين سائِرَ ٻرِڙيُن، مُنڊَ ٻرِڙئو مِهرانُ،

وَهَ وِڇائيو پاڻُ، هَٿِي کَنڊُ کَپِن سِين.

١٩- سَهَسين سائِرَ گجَنِ، تو سَهَجَ نَہ مَٿي سُوهَٽِي،

نَہ کي نِيہُ چِڳنِ، پَر تَهِمَ پِرِيَنِ جي؟

٢٠- سُپيرِيان جي تُرَهي، ٻُڏِين، هَنڌُ مَ لاءِ،

صُباحَ تان چُنداءِ: "اُسان تو اُکارِئو."

٢١- سُپيرِيان جي تُرَهي، ٻُڏِين، تو مَ لَڳُ،

جي پاڻين پِري مِڙان، تَہ ٻُوَرَ اُبتي وَڳُ،

پاءِ تيڏاهِمَ پَڳُ، ناهِ جيڏاهِمَ نِجهرو.

٢٢- سُکيَ جي سانباهِ ۾، جَڏهَ ٻُڏِيُون جي،

ساهَڙُ تِنين کي، ٻيلي ٻِنهين کَنڊِيِن،

٢٣- سُکيَ ٻُڏَنِ جي، ساهَڙُ ساٿِي تَنِ جو،

لَهِرنِ سِر، لَطِيفُ چي، کُلَنِ چاڙهِئو ني،

جي پِڇَنِ پَنڊُ پَري، تَنِ اُماٿي اورَهُون.

٣- ڪانڌي ڪنگ ٿئاس، وَهڻُ جنازو سوهڻي،
ٻَگها جي ٻيڻن جا، ڪُلا ڪَنِ ڏناسِ،
اَڪيين مَلڪَ ڏناسِ، توءِ مَنَ ڪابو مِهارَ ڏي.

٤- اُيو تَڙِ مِهارُ، مَلاحَنِ سَڏَ ڪري،
آئُون پُرِط وِجهان هَٿَڙا، اَئين پُرط وِجهو جارُ،
گهورِيُون ڪارُنيارُ، مانَ مِڙِنهُون سُپِرِين.

٥- مِهارُ مَلاحَنِ کي، اُيو آچي اَچَ،
آئُون پُرط وِجهان هَٿَڙا، اَئين پُرط وِجهو رَچَ،
سَندِيَ ڪُنَ ڪُٺيچ، مانَ هُونِ سَلامَتَ سُپِرِين.

٦- مِهارُ مَلاحَنِ کي، اُيو ڪري سَڏَ،
اَدا! اِنَهين پارَ جا، موڙي اَچو مَڏَ،
وِئا جي وَهَ گڏَ، هَلو تہ ڏورِيُون اُنِ کي.

٧- ڪَنڌِيَ جهلِئو ڪانَهَ، عاشِقُ اُيو آهون ڪري،
تو ڪِنءِ ٻوڙي سُوهڻي؟ ٻيلي! مُهجي ٻانهَ،
دَرِياهَ! توتي دانهَ، ڏِيندُسِ ڏِينهَ قِيامَ جي.

ٻيلي ٻنھين ڪنديون، محبت مٺون تو ڇاري،
لا! ويندي ڪين وساري.
ھوءِ ھنگارون، پون پڪارون، تڙ تڙ دوس تواري،
لا! ويندي ڪين وساري.
ھوءِ جا ھڪ پرين جي، آھيان تہ آساري،
لا! ويندي ڪين وساري.

داستان ستون

١- تڙ نہ گھڙي تون، توءِ من ڪاڏو مھار ڏي،
ڏاڍو دور درياھ ۾، سڪ تڏو سون،
من ۾ موج مھار جي، ھس پريان جو پور،
ٻيلي ٻنھين ڪنديون، نت نھاري نور،
منجھا جر ضرور، ڪڇي ڪي ڪوم ٿيي.
٢- بوڙين، چاڙھيين تون ڏٽي! ٻي جو دعوي رسي نہ دم،
ھن مھجي حال جو، مھر تي معلم،
رک پيلي جو پرم، جو اچي ٻئو اجھور ۾.

اَندَرُ آئينو ڪَري، پَرِ ۾ سو پَسيج،

اِنَهِرَ راهَ رَميج، تَہ مُشاهِدو ماڻيين.

١٣- هارِي! رَکج حَقُ، سانپارا ساهَڙَ جو،

خوابَ، خيالَ، خطرا، تَنين ڏيج تَرڪُ،

ڪَريين غيرَ غَرَقُ، تَہ مُشاهِدو ماڻيين.

١۴- سانپارا سيئي، تَنُ جَنين جو طالِبُو،

مَنُ پِرِيان نيئي، پَکَهيو پارَ پَري.

١٥- لَيا ڏِنمِ لارَ، سانپارا ساهَڙَ جا،

هِيئُون هتِ نہ وِندُري، ڏراڙِنئُون ڏارَ،

مُهجو مَنُ مِهارَ، پَکَهيو پارَ پَري.

وائي: آيَلِ! اَمڙِ! تِي جِيانَ، لا! جي سارِ ينمِ سُپرِينَ.

ساهَڙَ مَتاءَ صَدَقو، ڏَهين ڏَمَ ڏِيانَ،

لا! جي سارِ ينمِ سُپرِينَ.

مَتا ماڪَ هيڪَڙي، اَمَلَ اَنَ ڏِيانَ،

لا! جي سارِ ينمِ سُپرِينَ.

٨- جتي ڀِر ڀَرَنِ، ڀَريُون ڀُونِ ڀَوارِيُون،
ٽانگ نَہ لَڌي ٽارُئين، مَڇُ نَہ ماڻيڙَنِ،
ڪَنڌِيَ اُيا ڪيترا، سِيڙايا سَنڪَنِ،
تُون ڪِنءَ تَنِ تَرَنِ، اَچِئو اُسارِي! گهڙِين؟

٩- ڀَريُون ڀَرَ دَرِياهَ، ڀَسُ! جي ڀارِ ڀَوَنديُون،
ٻَڌُ تَوَڪُّلَ جو تُرهو، آهَرَ سانُ اَللّٰہَ،
جَنِ جي ساهَڙَ سانُ صَلاح، سي ڪِينَ ٻُڏَنديُون ڪَڌهِم.

١٠- ساڻيارا سَڌَ ڪِئو، اُيا چُونِمِ: ”آءَ“،
هِڪُ نِڪوئِي تارِ ٿَهي، ٻِئو لُڙُ لَهريُون ءِ واءُ،
ساڻِي جَنِ اَللّٰہ، ٻُجهان، سي نَہ ٻُڏَنديُون.

١١- ساڻيارا سَڌَ ڪِئو، اُيا چُونِمِ: ”اَچُ“،
هِڪُ نِڪوئِي تارِ ٿَهي، ٻِئو هَٽ ڪَميڻِيَ ڪَڇُ،
ساڻِي جَنِين سَچُ، ٻُجهان، سي نَہ ٻُڏَنديُون.

١٢- هارِي! حَقُّ رَکيجِ، ساڻيارا ساهَڙَ جو،
خُوابَ، خِيالَ، خَطِرا، تَنِ کي تَرَڪُ ڏِيجِ،

۵- آهيين هُت اَمارَ، بَدَ بُرهو تارِ جو،
لَهريُون، لُڙَ، لَطيفُ چئي، جهلڻا جُنگ جُوانَ،
اونهي تُڙُ آگهڻا، آڏي پائي آرَ،
جي پئا مُنهن مهراڻَ، تَنِ باندِينِ بيٺ نه اُجهي.

۶- ڪَچو ڪان ڪُنڀارَ، اوڳي! ڳِنهو اُتيين،
ڪِ تو ڪنين نه سُڻي؟ پيلي تي پُڪارَ،
لوڙهيا لڪَ، لَطيفُ چئي، ڪوڙيين ڪارُنڀارَ،
اُڪارِيين، آڏارَ، آرا آڪي وارِيين.

۷- ڪَچي ساڻُ ڪَهي، پَڪو پُڇي نه سُوهڻي،
لَنگهڻو لُڙُ، لَطيفُ چئي، وَچارِ وَهي،
سا ڪِنءَ نيهُن نهي؟ جهَ ڪي نيهُن نَڏو ڪَڍي.

۸- اُونهي ۾ اوهَري، ڪَهي ڪَچي ساڻُ،
سُپَڪَ جو، سيّدُ چئي، پُڇي نه پَرياڻُ،
عِشق وارِيُون، عَبدُاللّطيفُ چئي، سَدَ نه ڪَڍَنِ ساڻُ،
جَنين پاسي پاڻُ، سي اَوَتَڙ اُڪتيُون.

اَچين، عَبُداللّطيفُ چئي، تہ، جانبَ! نتُ جيان،
لا! جي ساريندم سُپرين.

داستان آٺون

١- پُڌَندي پورَن کي، کي هاتڪَ هَٿَ وِجهنِ،
پَسو لَيَجَ، لَطيفُ چئي، کيڏِي کي کَکَنِ،
توڙي کَندي کَنِ، ناتَ ساڻُنِ وَڃِن سيرَ ۾.

٢- کَچي کاني کانہَ، پُڏا کَدي بارِ مان،
يا لنگھائي، لَطيفُ چئي، يا ڏُرِ ٿا کَري دانہَ،
کَما حَقَّہ کَکَنِ جي، آهي ڳالِ اَڳانہَ،
جيڪينَ ڏي پُڌن کي بانہَ، ناتَ ساڻُنِ وَڃِي سيرَ ۾.

٣- جان ڪينَ کَندي کانہَ، تان تاڻي پَڌج تُرَهو،
هَٿُ پَريان جي هَٿَ ۾، بِي کي ڏِجِ مَ بانہَ،
سَندي کَپرَ دانہَ، ڪِ تو کَنين نہ سُئي؟

٤- هاواٽا هُلَنّ، کَپرَ کارُنيارَ جا،
لَهرِيُون، لُڙَ، لَطيفُ چئي، پيلي تي پُلَنّ،
جي کَچي ساڻُ کَهَنّ، آکو تَن اوباهيين.

جي جنين جا جمر، پکا سي پڇنديون.

١٤- پکا رڃ ڪنيار جا، پکي نيهائين،
مون کي تٿائين، پيلو پاڳي آئيو.

١٥- ڪڇي ڪت نه جهلئو، پيلو پئو پري،
سار ڇڏ پائين سيبر ۾، بانهن کان پري،
لٿي لهريون ويئيون، چوڏاري چري،
هيڙي منجهه هري، ماهيت ملڪ الموت جي.

١٦- ڪڇي ڪت نه جهلئو، پيلو پئو پڇي،
ماهيت الموت جي، منجهه وجود وڃي،
ساهڙ کي سڃي، آڪي جي احوال جي.

١٧- ڪڇي ڪت نه جهلئو، پيلو سهي نه پر،
هٿين، پيرين، آڱرين، بانهن ڇڏئو ٻر،
ساهڙ! سگهو ور، پيس مڪ مهراڻ جي.

١٨- پيلي پلائي، پسي چت چري ٿئي،
"ٻر! ٻر! ٻڏي سوهڻي!" ويرن ۾ وائي،

۹- اَنگ پَسي رَنگُ، ڪِئو ڪو جو دَورُ دِلي،
ٻر! ٻر! ٻيلي نَه ٿِئو، ڪَڇو مَنجهه ڪَلي،
ٽَران ٿي تارِ گهَٽُون، ٿُجهي، ٻَڌَر! ٻِلي،
سو مِيهار وِرِ مِلي، آهِيان جِهجي آسَري.

۱۰- پائُمِ نَه پيلو، مُنکي ڏاءَ ڏُتارِئو،
آڪي مَٿي اُسَري، رُوحَ ڏِنو رِيلو،
تيلاهِہ ويلو، پُٺمِ واهُڙ وِچ ۾.

۱۱- ڪَديئا جي ڪُلالَ، سي پَسي خالَ خُوشِ ٿِئي،
پاٽِي چِتَ پُسائيا، ڏاءَ نَه جهَلي ڏَمالَ،
سُپَڪ پاڻيان سُوهَٽي، جوِيَنَ جي جَمالَ،
آڪي جا اَحوالَ، مَعلُمُ ٿِئا مِهراڻَ ۾.

۱۲- ڪَڇو، تان ڪوهُ؟ پَڪو نَظَرُ پِرِيَنّ جو،
ساهَڙُ مُهجو سُپرِينِ، ڏَمَ ڏِنِيمي ڏوهُ،
جي چِٺو، جي چِوهُ، تَه پُوريندِيَسِ پارَ مَٽي.

۱۳- آڪو تَه آڪو، ڪَڇو آيِمِ ڪَمّ،

ساهڙَ جي صَلاحَ، تَنَ کي ڪَڍي تارِ مان.

٢٤- تَنَ کي ڪَڍي تارِ مان، صُلحَ ساهڙَ جو،
اُتِ آڏو اَچي ڪِينَ ڪِينَ، ٻيلَهپو ٻي جو،
ميهَرَ! ڪِجِ مُهجو، ڪو اوکُرُ ڪِهين آرَ تان.

وائي: مُون پارِيچي سارَ، آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وَچارَ،
ڏمُ مَ جاڳي، لوا مُون پارِيچي سارَ.
مُنکي نِتي ميڙ ٻيبن، جِتِ کُنڊِن جي قَطارَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وَچارَ.
ٻُرَنِ ٻيلاينِ جا، سانپارا سَنپارَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وَچارَ.
وِچُ مَ پوءِ وِصالَ کي، سَباجها سَتّارَ!
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وَچارَ.
گَهرِ گَهرِ گلا جا وَهي، پاڙي پَندِ پچارَ،
آئُون جا وِيندَڙي وُتِ وَچارَ.
تاڪُنِ تَڪي آهِيان، سِگهو رَسُ، سَهاڙَ،
آئُون جا وِيندَڙي وَتِ وَچارَ.

کَڇي کيرائي، لالَ لَهرِنِ وِچَ ۾.

١٩- پَکو ڪَٽِڄ پارڻ سين، چَگُون چِٽائي،
کَچو ڏِيج ڪُلالَ کي، مُهُ تي موٽائي،
سو سُڻِ هيئين سين، سُوهَڻي! جيڪين فائِقُ فَرمائي،
مَوجُون مُنجهائي، مارِيندي مِهراڻَ جيئُن.

٢٠- ڪو جو وَرِئو واءُ، جِنَ پِرَ بانهن ڇَڏئو،
اَڳِي اِنَ تَڙاءِ، اُنداهيائي اَکران.

٢١- هَٽِندي ٽَڪَرِ هُتَ، هيڙي حُجُون ڇَڏيُون،
لَکُ لَهرِنِ گَڏئو، مَوجُون وَرِيُون مَتَ،
نِيمِ ڪُنَّ قُوَّتَ، پِرُ، پَليرا سُپِرين.

٢٢- هيڙي حُجُون ڇَڏيُون، قُوَّتَ رَهِيمَ ڪانَ،
مُون تي مونِجِ، مُون پِرِين! ساهَڙَ جامَ سُڄاڻَ!
آهِيان گهڻُون اَجاڻَ، پِرُ، پَليرا سُپِرين!

٢٣- پِرُ، پَليرا سُپِرين! پَلا ۾ پيراهَ،
تو رِءَ تارِي ناهِ ڪا، والِي! تو رِءَ واهَ،

٦- وڃان ڪين ورِي، هُند رِءِ ڇِتّي رهي رهان،
ڏُنهي ڀاسي دوس جي، ماڳِ پُٺان مرِي،
صُورت نہ سُڃاڻ ڪا، ڪيئن چت چرِي،
وصالا فِراق جي، سُڃي ڳالِ ڳرِي،
تيلا هِمر ترِي، مُنہ ڳنڍو مونڍو وڃان.

٧- جي قِيام مڙنِ، تہ ڪر اوڏا سُپرِين،
تهان پرِي سُڃنِ، واڌايُون وِصال جِيئُن.

٨- آئون ڪ نہ ڄاڻان ائي؟ تہ جر گهڙيي جوکو ٿيي،
قضا جا ڪرِيم جي، تہ ڪان ڪنڌُ ڪئي بو ڪيّ؟
هڪ لِکيي، پِي نيہ، آڻي اولِيس اول ۾.

٩- نہ ڪاڻي نہ ڪانہ، نڪو ڏوهُ قلم جو،
اَنگ اُتيئي لِکئو، جِت نہ رسي پانہ،
ڪہ ڪي ڏِيان ڏانہ؟ قضا قلمُ وهائِيو.

١٠- تڙنِ جا طعنا، سهنگا ڏينم سرتيُون،
دَرِياہ ديوانا! سُڌِ حقيقت حال جي.

داستان نائون

١- جَرِ تَرِ تِکَ تَوارَ، وَڻِ ٽِڻِ وائِي هيڪَڙِي،
سَڀِئِي شَيءِ ثَنا، سُوِرِيَ سَزاوارَ،
هَمَه مَنصُورَ هَزارَ، ڪِهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟

٢- سَيِّتِ ٻَچارَ پِرينِ جِي، سَيِّتِ هوتَ حُضُورُ،
مُلڪُ مِڙو مَنصُورُ، ڪُهِي ڪُهَندَه ڪيتَرا؟

٣- لَهِرِ لَکَ لِباسَ، پاڻِي پَسَڻُ هيڪَڙو،
اُونهِي تِه عَميقَ جِي، وارِي ڇَڏِ وِماسَ،
جِتِ ناهِ نِهايَتَ نِيهَ جِي، ڪوءِ اُتِ پُهچِي ڪاسَ،
تَڙِنِ جِي تَلاسَ، لاهِ تِه لالَنَ لَڳِ تِيئِن.

٤- مَرِجِ وَتِ مِهارَ، مَتان مونئين، سُوهَڻِي!
ساهَڙَ جا سِنگارَ، مَتان ذَمَ ذِيڪارِيين.

٥- چُونِمِ جِي هيڪارَ: "مَ وَنءُ مونئين سُوهَڻِي!"
دُنهِي پاسِي دوسَ جِي، گهارِيان سَڀَ جَمارَ،
باندِ يَڻا پِيهارَ، هُندَ نَه لِڳين لائِيان.

۱۷- سِکَ تُهجِي، سُپِرِين! اَندَرِ ٿِي اُجهَلَ،
ٻَرَڪئو ٻاهَرِ نڪَري، کُوري ڪانئِي کَلَ،
رِءَ سِيراهِيَ سَلَ، مُون کي ڏِنا سَجّڻين.

۱۸- سِکَ تُهجِي، سُپِرِين! اَندَرِ ٿِي اُجهاڳَ،
مَنجهين ٻَرَنا ماڳَ، پَلُتئا پارِيُون ڪَري.

۱۹- ڪِينَ تَران، ڪِينَ تارِ مُون،
ڪِينَ سَگهان، ڪِينَ سَگهُه،
آڏو ڏِيجِ مَ لَڳُ، مُون هيڪلِي، وَلَها!

۲۰- سِکَ سِکَندِيَن لاهِ، وِڃوڙَنا ميڙَ ٻَرِينِ،
ايڏي سَگهَه، سَڄا ڏَٽي! توهَرِ کي جُڳاءِ،
تَنُ جَنِين جو طالِبُو، مهِرَ تَنِين کي ٻاءِ،
ميڙائي جو، ماءِ! ڪانگُ لَوَندو ڪَڍهين؟

۲۱- ڏِٺي ڏَمَرِ ڏِيهَ، ڪَهُ جاٽان کهڙا ٻَرِين؟
نيڙَ پَرَجي نيهَ، پَلُتئا پارِيُون ڪَري.

۲۲- ڏِٺي ڏِيهَ ڏَمار، ڪُهُ جاٽان کهڙا ٻَرِين؟

١١- تَران لَءِ طعني، مٿي وَهَ واڪا ڪنئو،
آٽي وِڌيس آر ۾، دَرياهَ ديواني،
قَلَمَ جي ڪاني، آٽي اوليس اولَ ۾.

١٢- تَران تان مَران، وَران تان وَهُ وِترو،
هيڙي ۾ هوتن جا، اچن گهور گهٽان،
پسڻو پاڙي واريون، ڏسيو ڏوهَ ڏران،
وڃا ڪنءَ وَران؟ ڪندي مهجو ڪارٽي.

١٣- نَڪو سَنڌو سُورَ جو، نَڪو سَنڌو سِڪَ،
عَدَدُ ناهه عِشقَ، پُڄاڻي پارڪ لَهي.

١۴- عَدَدُ ناهه عِشقَ جو، سُٽي تي ساٽي،
ڪانءِ پُڄاڻي، مهدا، مُنڌَ! مِهارَ جي.

١٥- سِڪَ تُهجي، سُپرين! جنءَ تَران تنءَ تارِ،
تُنهن رَهڻو رُوحَ ۾، تُنهن اَڪنٺا بارِ،
پرين! تُهجي پارِ، مون واجهائيندي وَرَهَ ٿيا.

١٦- سِڪَ تُهجي، سُپرين! ڪَپي ءِ ڪوري،
سَگهان نه چوري، ڏاڍو نيرُ نيهَ جو.

ڪُهه آئُڻَ! ٻَنِ جيڏِيُون! ڏيراڻيُون ڏُٿارِ!
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
پَکو ڪَٽِجِ پاڻَ سين، پِرِين تُهجو پارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
وِيندي واٽاڙُئَنِ کي، پَڇي ڪيمَ پڇارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
پُنديين مُهه مِهارَ جي، ڏَمَ وَتِ ڏيهَ مَ گهارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
ساهَڙَ کي، سُڻُ، سوُهڻي! ٻِچَلِ آڏي ٻارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
تارِ تَرَنديين، لُڙُ لَنگهنديين، عشقَ جي آڌارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
پانڌُ مَ ڇڏِجِ پِرِيَ جو، پِهين جي پاتارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.
تِندوءَ سَڌُ ساهَڙَ جو، توڏي! تِيءُ تَيارِ،
تِرڪَڻِ آهي تَٿَرَ ۾.

وَلِنِ جِنءَ وَرِيامِ، گُندَرَ غَمَ پِرِيَنِ جا.

٢٣- ڏِني ڏِيهَ ڏِٺامِ، ڪُهُ جاٽان کهڙا پرين؟
سَهسين سِجَ اُلهي، واجهائيندي وِئامِ،
تَنهين سالَ ڏِٺامِ، جَنهين ساعت نَہ سَهان.

٢٤- ڳهُرُ، نَہ وَرُ، نَہ وَٽُ ڪا، آهِمِ مَنّ مِهارُ،
اِنَ اوسيڙي اُٺيانِ، سَنجهي ڪَري سِنگارُ،
پِرِين! تهجو پارُ، پَسان مانَ پِرَ ڪَهِه.

وائي: هوئِجِ هُشيارِ خَبَردارِ، تِرڪِڻِ آهي تَڙَ ۾.
ڪَڏُون، ڪُوبا، چِڪَ، چِڪنديُون، تان ڪِينَ نهِي نِهارِ،
تِرڪِڻِ آهي تَڙَ ۾.
آڏِي سي آڪُڙنديُون، اَکيُون جَنِ ڪِپارِ،
تِرڪِڻِ آهي تَڙَ ۾.
مُون سو مَلاحَنِ ڪان، تَڙَ اَٽانگا تارِ،
تِرڪِڻِ آهي تَڙَ ۾.
هوتُ هَلنديَن ڪَنهُون، وِهَڻُ، مَنڌَ! وِسارِ،
تِرڪِڻِ آهي تَڙَ ۾.

جي پَسي مُهُ مِهارَ، تہ سِگهيائي سگهي ٿِيي.

٦- مَتان گهڙين، سُوهڻي! اَڄُ دَرياهَ ۾ دَمُ،
ڪارِيَ راتِ ڪُنَنِ ۾، ڪهڙو اَٿئي ڪَمُ،
مَتان جاڳي ڏَمُ، پُڇي پاڙي وارِيين.

٧- پُڇي پاڙي وارِيُون، ڪوهُ ڪَريندو ڏَمُ؟
ڪارِيَ راتِ ڪُنَنِ ۾، آهِ ڪاڻيارِنِ ڪَمُ،
هِيءُ هَڏو ءِ چَمُ، گهورِئو مُحِبَ مِهارَ تان.

٨- ڏِيهاڻِي ڏَمرُ ڪَري، مَٿي مَحَبَتَ مُون،
تہ ڪِي اَچِي تُون، پِرِيَمِ! ڪوهُ نہ پَليين؟

٩- جان جان هُئِي جِندڙي، وِرچِي نَہ وِيئي،
وَچي پُنُّ پيئي، سِڪَندي ڪِي سَڄڻين.

١٠- جان جان هُئِي جِندڙي، وِيئي نَہ وِساندِ،
لُڙهِي لَهرِنِ پاندِ، مُيائِي مِهارَ ڏي.

١١- وَرُ اُنداهِي راتڙِي، چاندوڻِي چانداڻِ،
اوڙي مِهارا، مُهُ مَ پَسان ڪو پِئو!

ابيات متفرقه

١- ساھَڻ ڏارا سُوھڻي، اَڏو تي آھي،
ڪُنڌِيُون جو ڪاھي، پاسي تھين پاڪ ٿِيي.

٢- ساھَڻ ڏارا سُوھڻي، نِسوري ناپاڪ،
نَجاسَت ناهِ ڪري، اُنِين جي اوطاقَ،
ھوءِ جي ڪِير پِياڪ، پاسي تَنِين پاڪ ٿِيي.

٣- ساھَڻ ڏارا سُوھڻي، ھِيَ تان جُنبي جوءِ،
ھِنَ پاڻِيَ سِين پاھجو، مُورِ نہ مَٿو ڌوءِ،
جي پِرِيَ پاسي ھوءِ، نہ ڪَر توڏِيَ تَڙُ ڪِٿو.

٤- ساھَڻ ڏارا سُوھڻي، ھِيَ تان جھُڪي زالَ،
توڏِيَ تَپُ شُروُعُ ٿِئو، ھَيءِ! ھيڻِيَ جي حالَ،
جَڏِي رِءِ جمالَ، اَگھي ٿِي آھُون ڪري.

٥- ساھَڻ ڏارا سُوھڻي، آھي مِ آزارَ،
ڏَمَ پاسي مِ ڏُکندو، صِحَتَ وَتَ سَنگھارَ،
توڏِيَ سَندي تَنَ جي، دَوا مِ دِيدارَ،

